هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي فضائل
وبرڪات تي مشتمل تحريري بيان

# جنت جو رستو

پيشڪش

مرڪزي مجلس شُوريٰ (دعوت اسلامي)

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي فضائل
و برڪات تي مشتمل تحريري بيان

# جنت جو رستو

## پيشڪش

**مرڪزي مجلس شُوريٰ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) سنڌي زبان ۾ هن رسالي جو ترجموڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جنت جو رستو*

## درود پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”اوهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پڙهي سينگاريندا ڪريو جو توهان جو درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 280، حديث: 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اجتماع جي برڪت

حضرت سيِّدُنا صالح مُرّي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي هڪ اجتماع ۾ بيان دؤران سامهون ويٺل نوجوان کي ارشاد فرمايو: ”ڪا آيت پڙهو“ ته ان سوره مؤمن جي آيت نمبر 18 تلاوت ڪئي:

وَ اَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ؕ۬ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ﴿۱۸﴾ (پ 24 المومن: 18)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ انهن کي ڊيڄاريو ان ويجهي اچڻ واري آفت جي ڏينهن کان جڏهن دليون نڙي وٽ اچي وينديون ڏک ۾ ڀريل، ۽ ظالمن جو نه ته ڪو دوست نه ڪو وري سفارشي هوندو جنهن جو چيو مڃيو وڃي.

---

* مبلّغ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلس شوري حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطّاري سَلَّمَهُ الْبَارِي هي بيان 26 جمادي الاولي 1433هـ بمطابق 20 اپريل 2012ع تي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو. 18 شوال المڪرّم 1433هـ بمطابق 6 سيپٽمبر 2012ع تي ضروري ترميم ۽ اضافي کان پوءِ تحريري طور تي حاضرِ خدمت آهي. (شعبہ رسائل دعوت اسلامي مجلس المدينة العلمية)

اها آيت پڙهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعالٰي عَلَيْه فرمايو: ڪو ظالم جو دوست يا مددگار ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جڏهن ته اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ ۾ هوندو. بيشڪ اوهان سرڪشي ڪرڻ وارن گنهگارن کي ڏسندؤ ته انهن کي زنجيرن ۾ جڪڙي، دوزخ ڏانهن نيو ويندو ۽ اهي اُگهاڙا هوندا، انهن جا جسم ڳرا، منهن ڪارا ۽ اکيون خوف وچان نيريون هونديون. اهي دانهون ڪندا: اسان هلاڪ ٿي وياسين! اسان برباد ٿي وياسين! اسان کي زنجيرن ۾ ڇو جڪڙيو ويو آهي؟ اسان کي ڪيڏانهن وٺيو پيو وڃي؟ ۽ اسان سان اهو ڇا پيو ٿئي؟ ملائڪ انهن کي باهه جي ڪوڙن سان ڪُٽيندي، هڪليندا، ڪڏهن اهي منهن پر ڪرندا ته ڪڏهن انهن کي گهلي وٺيو ويندو. جڏهن روئي روئي انهن جا ڳوڙها ختم ٿي ويندا ته رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا، انهن جون دليون دهلجي وينديون ۽ حيران و پريشان ٿي ويندا، جيڪڏهن ڪو انهن ڏانهن نگاهه ڪري ته انهن کي ڏسي نه سگهندو، نه پنهنجي دل جهلي سگهندو، اهو خوفناڪ منظر ڏسڻ واري جي جسم تي ڏڪٽي طاري ٿي ويندي.

اهو فرمائڻ کان پوءِ حضرت سيِّدُنا صالح مُرّي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي ڏاڍو رُنا ۽ ٿڌو ساهه ڀري فرمايائون: ”افسوس! ڪيڏو دل دهلائيندڙ منظر هوندو.“ اهو چئي وري روئڻ لڳا، انهن کي روئندو ڏسي اتي وينل به روئڻ لڳا، انهيءَ دوران هڪ نوجوان اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو: ”يا سيِّدي! ڇا اهو سڄو منظر قيامت جي ڏينهن ٿيندو؟“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعالٰي عَلَيْه جواب ڏنو: ”جي هائو! اهو منظر زياده ڊگهو نه ٿيندو ڇو ته جڏهن ان کي دوزخ ۾ وڌو ويندو ته ان جو آواز اچڻ بند ٿي ويندو.“ اهو ٻڌي ان نوجوان هڪ رڙ ڪئي ۽ چوڻ لڳو: افسوس! مون پنهنجي

زندگي غفلت ۾ گذاري ڇڏي، افسوس مان ڪوتاهين ۾ مبتلا رهيس، افسوس! مان الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت و فرمانبرداري ۾ سُستي ڪندو رهيس، هاءِ! مون پنهنجي حياتي بيڪار ضايع ڪري ڇڏي. اهو چئي اهو روئڻ لڳو، ٿوري دير ڪان پوءِ ان ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ بيڪس پناھ ۾ هن طرح مناجات (يعني دُعا) ڪئي: اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مان گنهگار توبهه جي لاءِ دربار ۾ حاضر آهيان، منهنجو توڪان سواءِ ڪنهن سان ڪو غرض نہ آهي، گناهن ڪان معافي ڏئي، مون کي قبول فرما، مون سميت سيني حاضرين تي پنهنجو فضل و ڪرم فرما ۽ اسان کي جود و نوال (يعني عطا ۽ بخشش) سان مالا مال ڪري ڇڏ، يا ارحم الراحمين! (يعني اي سيني ڪان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا) مون گناهن جي ڳنڙي تنهنجي سامهون رکي ڇڏي آهي ۽ سچي دل سان تنهنجي بارگاھ ۾ حاضر آهيان، جيڪڏهن تون مون کي قبول نہ ڪندين تہ يقينًا مان هلاڪ ٿي ويندس. ايترو چئي اهو نوجوان غش کائي وڃي ڪِريو، ڪجھ ڏينهن بيماري سبب بستر تي گذاري موت سان وڃي مليو. ان جي جنازي ۾ بيشمار ماڻهو شريڪ ٿيا، ان جي لاءِ روئي روئي دعائون ڪيون ويون. حضرت سيِّدُنا صالح مُرّي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي اڪثر پنهنجي بيان ۾ ان نوجوان جو تذڪرو ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ڪنهن ان نوجوان کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيائين: ما فَعَلَ اللهُ بِکَ يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ تہ ان جواب ڏنو: مونکي حضرت سيِّدُنا صالح مُرّي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي جي اجتماع جون برڪتون نصيب ٿيون، مون کي جنّت ۾ داخل ڪيو ويو. (ڪتاب التوابين ص 250-252)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪهڙي طرح ان نوجوان

ڪي اجتماع ۾ شرڪت جي ڪري سچي توبهه ۽ جنّت جهڙي عظيم نعمت نصيب ٿي. يقيناً سچي توبهه جي توفيق ملڻ اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ جي خاص عنايت آهي ۽ جنهن تي اها عنايت ٿيندي آهي، انهيءَ جا تہ ياڳ ڪلي پوندا آهن.

## توبہ جي فضيلت

رحمت عالَم، نور مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: التَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَا ذَنْبَ لَهٗ يعني گناهہ کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ ان گناهہ ڪيو ئي ناهي. (السنن الكبريٰ للبيهقي ج 10 ص 259 حديث: 20561)

## گناهن جي بخشش

حضرت سيدنا اَنس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: اي ابن آدم! تو جڏهن بہ مون کي پڪاريو ۽ مون سان رجوع ڪيو، مون تنهنجي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ مون کي ان جي پرواهہ ناهي ۽ اي ابن آدم! جيڪڏهن تنهنجا گناهہ آسمان تائين پهچي وڃن، پوءِ تون مون کان مغفرت گهرين تہ مان تنهنجي بخشش ڪري ڇڏيندس ۽ منهنجي ذات بي نياز آهي. اي ابن آدم! جيڪڏهن تنهنجي مون سان ملاقات هن حال ۾ ٿئي جو تنهنجا گناهہ سموري زمين کي گهيري ڇڏين پر تو شرڪ نہ ڪيو هجي تہ مان تنهنجي گناهن کي بخشي ڇڏيندس. (ترمذي ج 5 ص 319 حديث: 3551)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ سچي توبہ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے سچی توبہ کی توفیق دے دے
پئے تاجدار حرم یا الٰہی

بيان ڪيل حڪايت مان سنّتن ڀريي اجتماع جي افاديت جي بہ خبر پوي ٿي جڏهن تہ سنتن ڀريي اجتماعن ۾ ٿيڻ وارا پُر تاثير بيانن غافلن کي بيدار، گنهگارن کي خوف خدا ۾ روئارڻ ۽ دلين ۾ عشقِ مصطفيٰ جاڳائڻ جو وڏو مؤثر ذريعو آهن.

الله ربُّ العٰلمين جَلَّ جَلَالُهٗ جا ڪروڙين احسان جنهن اسان کي انسان ۽ مسلمان بڻايو ۽ پنهنجي پياري حبيب، حبيب لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اُمت ۾ پيدا فرمايو. الله عَزَّوَجَلَّ ان امت کي دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪا رفعت و منزلت، شان و شوڪت، سعادت و شرافت عنايت فرمائي آهي ان جو هڪ سبب هن امت جو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جو فريضو ادا ڪرڻ بہ آهي. جيئن چوٿين سيپاري سورة آل عمران جي آيت نمبر 110 ۾ ارشاد آهي:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ اَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۱۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان ڀلا آهيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تعاليٰ تي ايمان رکو ٿا ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها تہ انهن لاءِ ڀلو هو انهن مان ڪي مسلمان آهن ۽ گهڻا ڪافر آهن. (پ 4 ال عمران 110)

## هر مسلمان مُبلّغ آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! هر مسلمان پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي

مبلّغ آهي پلي کھڙي بہ شعبي سان تعلق رکندو هجي يعني اهو عالِم هجي يا مُتعَلِّم (يعني طالب علم) مسجد جو امام هجي يا مُؤذِّن، پير هجي يا مريد، تاجر هجي يا گراهڪ، سيٺ هجي يا ملازم، آفيسر هجي يا مزدور، حاڪم هجي يا محڪوم. مطلب تہ جتي جتي اهو رهندو هجي، ڪم ڪار ڪندو هجي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ سنين سنين نيتن سان پنهنجي صلاحيّت جي مطابق پنهنجي آسپاس جي ماحول کي سنتن جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ۽ نيڪي جي دعوت جو مدني ڪم جاري رکي. اللّٰه تعاليٰ اسان سڀني کي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ سنتن ڀريي اجتماعن ۾ اچڻ ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي ترغيب ڏياري آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اجتماعن جي ذريعي ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت پهچائڻ اَسلاف جو طريقو رهيو آهي.

## حضرت عبداللّٰه بن مسعود جو وعظ و نصيحت ڪرڻ

حضرت ابو عبدالرّحمٰن عبداللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ماڻهن کي خميس جي ڏينهن وعظ فرمائيندا هئا. هڪ شخص عرض ڪيو: اي ابو عبدالرحمٰن! منهنجي خواهش آهي تہ اوهان روزانو وعظ و نصيحت ڪندا ڪريو، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ارشاد فرمايو: مون کي ائين ڪرڻ کان جيڪا ڳالھ روڪي ٿي اها هي آهي تہ مون کي توهان جو ڳُڻتي ۽ بيزاري ۾ مبتلا ٿيڻ ناپسند آهي ۽ مان نصيحت ڪرڻ ۾ اوهان جي اهڙي طرح حفاظت ۽ رعايت ڪريان ٿو جهڙي طرح نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڳڻتي ۽ بيزاري جي خدشي جي پيش نظر اسان جي حفاظت ڪندا هئا. (بخاري ج 1 ص 42 حديث: 70)

## هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن. اسلامي ڀائرن جي لاءِ هر جمعرات تي مغرب نماز کان بعد ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ هر آچر تي ظهر نماز کانپوءِ هزارين جڳهين تي سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن جن ۾ لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

اوهان بہ پنهنجي آسپاس جي ماحول کي سنتن جو پابند بڻائڻ، فڪر آخرت ۽ ايمان جي حفاظت جو جذبو بيدار ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ نہ فقط پاڻ اول تا آخر شرڪت ڪريو بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائي، ذهن بڻائي اجتماع ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن اوهان جي انفرادي ڪوشش سان ڪو اجتماع ۾ اچي ويو ۽ اتي ٿيڻ واري سنتن ڀريي بيانات، ذِڪر و دعا ۽ ٻين رحمتن ڀريي معمولات جي سبب ان جي دل تي گهرو اثر ٿيو ۽ ان قرآن و سنت جي راهہ اختيار ڪري ورتي تہ ان شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو.

## هدايت جي سبب بڻجڻ جو انعام

سرڪارِ مدينہ قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ اهو توهان جي لاءِ ان کان ڀلو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (مسلم ص 1311 حديث: 2406) حضرت علامہ يحيٰ

بن شَرَف نَوَوِي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهيءَ حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڳاڙهو اُٺ عربن جو وڏو قيمتي مال سمجهيو ويندو هو، ان جي لاءِ ضَرَبُ المِثَل (يعني چوٽي) طور تي ڳاڙهن اُٺن جو ذڪر ڪيو ويو، اُخروي معاملات کي دنياوي شين سان تشبيهه يعني مثال ڏيڻ صرف سمجهائڻ لاءِ آهي نہ تہ حقيقت هي آهي تہ هميشہ باقي رهڻ واري آخرت جو هڪ ذرو بہ دنيا ۽ ان جهڙيون جيتريون بہ دنيائون تصور ڪيون وڃن انهن سڀني کان بهتر آهي. (شرح مسلم للنووي ج 15 ص 178)

## نيڪي جي دعوت جو انعام

سرڪارِ نامدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: إِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهِ يعني بيشڪ نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي. (ترمذي ج 4 ص 305 حديث: 2679) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنَّان فرمائن ٿا: يعني نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو (۽) مشورو ڏيڻ وارو سڀئي ثواب جا مستحق (يعني حقدار) آهن. (مرآة المناجيح ج 1 ص 194)

سيدالمرسلين، خاتمُ النبيين، جناب رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جيڪو هدايت جي طرف سڏي ان کي سڀني عمل ڪرڻ وارن وانگر ثواب ملندو ۽ ان ڪري ان (عمل ڪرڻ وارن) جي پنهنجي ثواب مان ڪجهہ گهٽ نہ ٿيندو ۽ جيڪو گمراهي جي طرف سڏي تہ ان تي سڀني پيروي ڪرڻ وارن گمراهن جيترو گناهہ ٿيندو ۽ هي ان جي گناهن مان ڪجهہ گهٽ نہ ڪندو.
(مسلم ص 1438 حديث: 2674)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنَّان فرمائن ٿا: هي حڪم (عام آهي يعني) نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽

سندن صدقي سيني صحابين، ائمہ مجتهدين، علماءِ مُتَقَدِّمين و مُتَاَخِّرين سيني کي شامل آهي. مثال طور کنهن جي تبليغ سان هڪ لک نمازي بڻيا تہ ان مبلِّغ کي هر وقت هڪ لک نمازن جو ثواب ملندو ۽ انهن نمازين کي پنهنجي پنهنجي نمازن جو ثواب، ان مان معلوم ٿيو تہ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو ثواب مخلوق جي اندازي کان وڌيڪ آهي. ربّ (عَزَّوَجَلَّ) فرمائي ٿو: وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ﴿۳﴾ (پ 29 القلم 3) (**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ضرور تنهنجي لاءِ بي انداز ثواب آهي) اهڙي طرح اهي مُصَنِّفن جن جي ڪتابن مان ماڻهو هدايت ماڻي رهيا آهن قيامت تائين انهن کي لکن جي تعداد ۾ ثواب ملندو رهندو. (مرأة المناجيح ج 1 ص 160)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اسان ٿوري ڪوشش ڪيون ۽ ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت پهچائي انهن کي اجتماع ۾ وٺي اچون ۽ انهن مان ڪو هڪ بہ جيڪڏهن اجتماع جي برڪت سان گناهن جي زندگي کي ڇڏي نيڪ بڻجي ويو تہ ڪيڏو عظيم الشان ثواب جو خزانو اسان جي اعمال نامي ۾ لکبو ۽ **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ اها دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ وارن اجتماعن جي خاص خوبي آهي جو هتي وڏا وڏا بدڪار، شرابي، بي نمازي، چور، ڌاڙيل ايندا آهن ۽ جڏهن هتان ويندا آهن تہ پنهنجي گناهن کان توبہ تائب ٿي چڪا هوندا آهن. جيڪي ڪلهه شرابي هئا اهي اڄ سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سبب توبہ تائب ٿي نہ رڳو نمازي بلڪ ٻين کي نماز پڙهائڻ وارا بڻجي ويا، جيڪي ڪلهه گناهن جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل هئا انهيءَ اجتماع انهن کي پاڪائي ۽ صفائي جو اهڙو تہ سبق ڏنو جو اڄ اهي ماڻهن جي اکين جو تارا بڻجي ويا آهن. **اَلْحَمْدُلله**

عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي انهيءَ سرسبز ۽ شاداب باغ ۾ وڏو ڪردار هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو به آهي.

## گناهن جي دنيا کان واپسي

پيره (تعلقو پلوال، ضلع گلزار طيبہ سرگوڌا) جي علائقي نصير آباد ڪالوني جي رهواسي اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: مان جواني ۾ ئي هڪ سياسي جماعت جو رڪن ٿي ويس ۽ 1406ھ بمطابق 1985ع ۾ روزگار جي سلسلي ۾ پنهنجي شهر جي بس اسٽينڊ تي بطور اسٽينڊ مئينجر (Stand Manager) ڪم ڪرڻ لڳس. حقيقت هي آهي ته

صُحبتِ صالح تُرا صالح کند
صُحبتِ طالح تُرا طالح کند

يعني نيڪن جي صحبت نيڪ ۽ برن جي صحبت برو بڻائيندي آهي. مون کي جن جي صحبت ملي اهي نيڪ ماڻهو نه هئا، آخرڪار انهن جون برايون مون ۾ به اينديون ويون، فلمون ڊراما ڏسڻ، گارگند ڏيڻ ۽ ٻين تي اجايو رعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ منهنجو معمول بڻجي ويو. وقت سان گڏوگڏ منهنجون آواره گرديون به وڌڻ لڳيون ايتري تائين جو مان هڪ قبضہ گروپ ۾ شامل ٿي ويس پوءِ ظالم ۽ بااثر ماڻهن سان گڏجي اسلحي جي زور تي سرِعام ماڻهن جي زمينن ۽ جائيدادن تي ناجائز قبضا ۽ ظلم و زيادتي جهڙن ڏوهن ۾ ملوث ٿي ويس. 1410ھ بمطابق 1989ع ۾ مون کي سرڪاري اداري ۾ ملازمت ملي. اتي منهنجي پگهار ٿي هزار روپيا هئي ليڪن رشوت ۽ ٻين ناجائز طريقن سان مهيني ۾ ڏهه هزار روپيا ڪمائيندو هئس. اداري ۾ منهنجو نالو هو، هر ڪو

خوف وچان سائين! سائين! پيو ڪندو هو. پوءِ مان اداري جي اليڪشن ۾ يونين جو صدر بہ منتخب ٿيس، پوءِ تہ منهنجا پاڳ ڪلي پيا، جيئن وڏندو هو تيئن ڪندو هئس، ايتري قدر جو هڪ جرم جي ڪري گرفتار ٿيس ۽ ٽي سال قيد بامُشَقَّت ڪاٽڻو پيو. رهائي کان پوءِ سڌرڻ بدران وري اهي ساڳيون حرڪتون ڪرڻ لڳس، اهڙي طرح ڪيترائي ڀيرا جيل وڃڻو پيو ۽ مون تي ڪيترائي ڪيس داخل ٿيا. افسوس! منهنجي زندگي جا قيمتي لمحا آخرت ڪي برباد ڪرڻ وارن ڪمن ۾ گذري رهيا هئا. گناهن جي لذت ۾ ايتري قدر مبتلا ٿي ويس جو نيڪ ڪم ڪرڻ جو خيال بہ نہ ايندو هو.

شايد اهڙي طرح مان گناهہ ڪندي ڪندي قبر ۾ هليو وڃان ها ۽ پنهنجي ڪرتوتن جي سزا ڀوڳيان ها پر منهنجي پاڪ پروردگار جي طرفان مون کي سنڀلجڻ جي توفيق هن طرح سان ملي جو شيش محل محلہ ۾ منهنجي ملاقات هڪ ڪمزور، سرتاپا سنتن جي پيڪر مبلِّغ دعوت اسلامي سان ٿي، انهن مسڪرائيندي جوشيلي انداز ۾ مون سان مصافحو ڪيو، حال احوال پڇيو ۽ محبت ڀريي انداز ۾ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" جو تعارف پيش ڪيو ۽ "پيره" سطح تي پير اعظم شاهہ محلہ واري جامع مسجد "تخت پوش والي" ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي. ان سان ملي دل تہ ڏاڍي خوش ٿي پر گناهن جي مير دل تي اهڙي تي ڄمي وئي هئي جو جلد اجتماع ۾ شرڪت جو ذهن نہ بڻيو، بهرحال ان جي دل رکڻ جي لاءِ حامي ڀري، اجتماع جو ڏينهن آيو ۽ گذري ويو پر مان نہ وڃي سگهيس. هڪ ڀيرو وري بازار مان

گذرندي انهيءَ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي انهن وڏي محبت سان منهنجو نالو وٺي سلام ڪيو. مان ڏاڍو متاثر ٿيس تہ انهن کي اڃان تائين منهنجو نالو ياد آهي. گفتگو دؤران معلوم ٿيو تہ اهي مرڪزُ الاولياء (لاهور) جا رهاڪو آهن ۽ هتي هڪ سنّي دارالعلوم ۾ علم دين حاصل ڪرڻ لاءِ آيل آهن. ان ملاقات منهنجي دل جي ڪيفيّت بدلائي ڇڏي، دل ۾ انهن جي لاءِ محبت پيدا ٿيڻ لڳي. هڪ ڀيري انهن مون کي وڏي پنهنجائپ وچان ٻڌايو تہ مان اوهان جي محلہ نصيرآباد جي جامع مسجد ۾ فجر نماز ۾ ”درس فيضان سنّت“ ڏيڻ ايندو آهيان، اوهان بہ ڪرم فرمائي ايندا ڪريو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ تمام گهڻيون ڀلايون نصيب ٿينديون. اُمت جي اصلاح جي جذبي سان سرشار، خوش گفتار، عاشقِ سرڪار جي اها ڳالهہ ٻڌي مون کي ڏاڍو احساس ٿيو تہ افسوس! اهي گذريل هڪ سال کان وٺي مسلسل مون کي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي رهيا آهن پر آئون ايترو تہ بي حس ٿي ويو آهيان جو انهيءَ جو ڪو احساس ئي ناهي ۽ ڪيڏي وڏي ڳالهہ آهي جو اهي تقريبًا بہ ڪلوميٽر پنڌ ڪري نيڪي جي دعوت جي جذبي تحت منهنجي محلي ۾ اچن ٿا، ان ڪري مون کي گهٽ ۾ گهٽ درس ۾ تہ شرڪت ڪرڻ گهرجي. اهڙي ريت مون واعدو ڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن درس ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، اهو سلسلو تقريبًا ٻن سالن تائين جاري رهيو، فيضان سنّت جي درس جي برڪت سان مون کي ڪافي ديني معلومات سان گڏوگڏ نيڪين ڪرڻ جو جذبو بہ مليو. اهي مونکي هفتيوار سنتن ڀريي درس جي دعوت ڏيندا هئا پر مان ٽاري ڇڏيندو هئس. آخرڪار 1417ھ بمطابق 1996ع ۾ ان جي اصرار تي مون هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ

جي پڪي نيّت ڪئي، پر منهنجي ذهن ۾ شيطان هن طرح سان خيال وڌو ته چڱو نيڪ آهي ان تحريڪ سان مون کي ڪجھ تحفظ ملي ويندو، منهنجون ڪيتريون ئي دشمنيون ٿيل آهن انهن کان به تحفظ ملي ويندو. بهرحال مان سنتن ڀريي اجتماع ۾ وڃي پهتس. ڏٺم ته اهي ئي اسلامي ڀاءُ جيڪي مون تي تقريبًا ٻن سالن کان وٺي انفرادي ڪوشش ڪندا رهيا هئا، جهنم جي هولناڪين جي باري ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، جهنم ۾ ڏني ويندڙ سزائن جو تفصيل بيان ڪندي ڪندي ان عاشق رسول تي اهڙو ته خوفِ خدا طاري ٿيو جو زارو قطار ورئڻ لڳا، سندن بيان تاثير جو تير بڻجي منهنجي دل ۾ اچي لڳو، ماضي جي ڪرتوتن ۽ ڏوهن جي ڊگهي فهرست منهنجي اکين آڏو اچي مون کي ڊيڄارڻ لڳي، اهو سوچيندي ئي منهنجي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو ته جيڪڏهن مون کي جهنم جي عذابن ۾ مبتلا ڪيو ويو ته ڪيئن برداشت ڪري سگهندس؟ بي اختيار منهنجي رخسارن تي لڙڪن جي لڙي بڻجي وئي، جنهن سبب دل جي مير ڌوپجڻ لڳي، نيڪ بڻجڻ جي خواهش دل ۾ بيدار ٿي، ذڪر و دعا ۽ صلوٰة و سلام کان پوءِ منهنجي ملاقات پنهنجي مُحسن سان ٿي، جن جي انفرادي ڪوشش مون کي گناهن جي ڌٻڻ مان ڪڍي سنتن ڀريي اجتماع جي مشڪبار فضائن ۾ آندو هو ته اهي مون کي اجتماع ۾ ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ شرڪت ڪرڻ تي وڌي حوصله افزائي ڪئي، پڻ اڳتي لاءِ باقاعدگي سان اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جو ذهن ڏنو. هاڻي منهنجي سوچ ۾ تبديلي اچي چڪي هئي، پهريان ته مان ڏوهن جا نوان نوان منصوبا سوچيندو هئس هاڻي وڏي بيقراري سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو انتظار ڪرڻ لڳس

جيئن جمعرات جو ڏينهن ٿيندو هو مان هر طرح جون مصروفيتون ڇڏي اجتماع ۾ حاضر ٿيندو هئس. آهستي آهستي منهنجون عادتون بدلجڻ لڳيون، قلبي سڪون بہ ملڻ لڳو. 1418ھ بمطابق 1997ع ۾ مونکي مدينة الاولياء (ملتان) ۾ ٿيڻ واري بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي، جتي عاشقانِ رسول جو وڏو هجوم پرڪيف منظر پيش ڪري رهيو هو. اجتماع دؤران شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي سنتن ڀريي بيان منهنجي دل جي دنيا تبديل ڪري ڇڏي، مون سچي دل سان فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، رشوت وٺڻ ۽ ٻين گناهن کان توبہ ڪئي، سڄي زندگي دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جي نيّت ڪئي ۽ **شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هٿ تي سلسلہ قادريہ رضويہ عطّاريہ ۾ بيعت ڪري عطّاري ٿي ويس.

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سال مون کي دعوت اسلامي جي تحت پيره سطح جي رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ اعتڪاف جي سعادت نصيب ٿي جيڪو "جامع مسجد هَجَڪَ" ۾ ٿيو. اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان مون مٿي تي سرسبز عمامو شريف سجايو ۽ سنّت جي مطابق سفيد لباس پائڻ جي نيّت بہ ڪئي. منهنجي زندگي ۾ اچڻ واري هن مدني انقلاب کي ڏسي شهر وارا ڏاڍا حيران هئا تہ ڪلهہ تائين معمولي ڳالهہ تي تڪرار ڪرڻ وارو اڄ "جيءَ، سائين" ڪري ڪيئن ڳالهائڻ لڳو! دنيا جي موج مستي ۾ رهڻ وارو، سنتن جو ديوانو ڪيئن ٿي ويو! ڪيترن کي تہ ان

تبديلي تي يقين ئي نہ پيو اچي، ايتري قدر جو مون پنهنجي ڪنن سان هڪ شخص کي چوندي ٻڌو: ”اهو سڀ ڊرامو آهي، ان ۾ بہ ان جو ڪو دنياوي غرض هوندو، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري اهو پنهنجن پراڻن ڏندن ۾ لڳي ويندو.“ پر الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان مون کي مدني ماحول ۾ استقامت ملي وئي. مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي برڪت هن طرح بہ ظاهر ٿي تہ منهنجي خلاف ڪورٽ (Court) ۾ هڪ ڪيس هلي رهيو هو جنهن جي ڪري مان ڏاڍو پريشان رهندو هئس. جن ماڻهن مقدمو دائرو ڪيو هو جڏهن انهن مون ۾ حيرت انگيز تبديلي ڏٺي تہ انهن جون دليون بہ الله عَزَّوَجَلَّ نرم ڪري ڇڏيون ۽ انهن مون کي معاف ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح مقدمي مان بہ جان ڇٽي ۽ مان وڏي ذوق و شوق سان مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳس. هڪ عرصو مدني ڪم ڪرڻ کان پوءِ منهنجي مُحسِن مبلِّغ دعوتِ اسلامي (جيڪي ان وقت پيره شهر مُشاوَرت جا نگران هئا ۽ هاڻي مرڪزي مجلس شوريٰ جا رُڪن آهن) جي خواهش تي ذميدارن لَبَّيۡڪ چيو ۽ 1421ھ بمطابق 2000ع ۾ مون کي پيره شريف جي مشاورت جو نگران بڻايو ويو. اَلۡحَمۡدُلله عَلٰي اِحۡسَانِہ اها تحرير لکڻ تائين ڊويزن مُشاورت جي رُڪن ۽ علاقائي مُشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان مدني ڪمن ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ملاحظ فرمايو تہ ڪهڙي نموني هڪ شخص گناهن جو بار ڪٽي، هڪ اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ هفتيوار اجتماع ۾ اچي پهتو ۽ گناهن ڀري زندگي ڇڏي نيڪين ڀري راهہ جو مسافر بڻجي ويو.

## مَدَني بهار مان ملڻ وارا مدني گل

انهيءَ مدني بهار مان اسان کي کيترائي مدني گل ملن ٿا جن تي عمل جي برڪت سان اسان معاشري کي سنّتن جي خوشبو سان مهڪائي سگهون ٿا: مثال طور

❁ اسان کي انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ هرگز سستي نہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ ٿي سگهي ٿو اسان جي چپن مان نڪتل ڪجھ لفظ ڪنهن جي زندگي بدلائڻ جو سبب بڻجي وڃن ۽ اسان جي لاءِ اجر و ثواب جو باعث بڻجي وڃن.

❁ انفرادي ڪوشش ڪندي مايوسي جو شڪار نہ ٿيو جيتوڻيڪ سامهون وارو اسان جي دعوت قبول نہ ڪري پر اسان اخلاص سان ڪوشش ڪندا رهون، خبر ناهي تہ ڪڏهن ان جي دل اسان جي دعوت تي لبَّيڪ چئي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃي.

❁ انفرادي ڪوشش ۾ ڪاميابي جي ڪنجي خنده پيشاني ۽ حُسن اخلاق سان ملاقات ڪرڻ آهي، جنهن تي اوهان انفرادي ڪوشش ڪري رهيا آهيو ٿي سگهي تہ ان جو نالو ياد رکو ۽ وري ملاقات ٿيڻ تي نالو وٺي مخاطب ٿيو، ان جي دل خوش ٿيندي ۽ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني نتيجا نڪرندا.

❁ انهيءَ مدني بهار مان فيضانِ سنّت جي درس جي برڪت جو بہ اندازو ٿئي ٿو جو ڪهڙي طرح بہ ڪلوميٽر پري وڃي فيضانِ سنّت جي درس ڏيڻ جو عمل معاشري جي بگاڙ جو سبب بڻجڻ واري جي ڪردار کي سنواري ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ڇا ٿيندو آهي؟

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ وارا هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع تلاوتِ قرآن، نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سنتن ڀريا بيان، رقّت انگيز دعائون، ذڪر و درود و سلام جي مدني گلن ۾ علم دين جي گلدستن سان سجيل هوندا آهن ۽ يقينًا اهڙن اجتماعن ۾ شرڪت وڏي اجر و ثواب ۽ برڪتن جي حصول جو ذريعو آهي.

## پاڪيزه ڳالهيون چونڊڻ وارا

رحمت عالَم، نور مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ معظَّم آهي: قيامت جي ڏينهن ڪي اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي نه نبي هوندا نه شهيد (پر) انهن جي چهرن جو نور ڏسڻ وارن جي نگاهن کي حيران ڪندو هوندو. نبي ۽ شهيد انهن جي مقام ۽ قُربِ الٰهي کي ڏسي مُسرَّت جو اظهار فرمائيندا. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان ڪنهن صحابي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪير (خوشنصيب) هوندا؟ ارشاد فرمايائون: اهي مختلف قبيلن ۽ وسندين جا ماڻهو هوندا جيڪي (دنيا ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد ڪرڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا ۽ پاڪيزه ڳالهيون اهڙي طرح چونڊيندا هئا جهڙي طرح ڪجور کائڻ وارو بهترين ڪجور چونڊيندو آهي.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 252 حديث: 2334)

## گڏ ويهڻ وارو بہ محروم نا هي رهندو

حضرت سيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ٻنهي جهانن جا تاجوَر، سلطان بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدُنا عبدالله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽان گذريا تہ اهي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جي

وچ ۾ ”بيان“ ڪري رهيا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان ئي اهي ماڻهو آهيو جن سان منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي صبر ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. پوءِ هي آيت مبارڪ تلاوت فرمايائون:

وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِیِّ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَیْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِیْدُ زِیْنَةَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ۚ وَ لَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾

(پ 15 الڪهف 28)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ان جي رضا گهرندا آهن ۽ تنهنجو اکيون انهن کي ڇڏي هيڏي هوڏي نه پون، ڇا تون دنيا جي زندگي جو سينگار گهرندين، ۽ ان جو چيو نه ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ اهو پنهنجي سڌ جي پٺيان هليو ۽ ان جو ڪم حد کان ٽپي ويو.

پوءِ ارشاد فرمايائون: جڏهن اوهان جو ڪو گروه ويهندو آهي ته ان سان ايتري ئي تعداد ۾ ملائڪ به ويهي رهندا آهن. جيڪڏهن توهان جو گروهه سُبۡحٰنَ اللّٰه چوندو آهي ته ملائڪ به سُبۡحٰنَ اللّٰه چوندا آهن جيڪڏهن توهان اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوندا آهيو ته ملائڪ به اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوندا آهن ۽ جيڪڏهن توهان اَللّٰه اَكۡبَر چوندا آهيو ته ملائڪ به اَللّٰه اَكۡبَر چوندا آهن، پوءِ اهي ملائڪ پنهنجي ربّ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا آهن ۽ عرض ڪندا آهن (حالانڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ زياده ڄاڻڻ وارو آهي): اي اسان جا ربّ! تنهنجي ٻانهن تنهنجي پاڪائي بيان ڪئي ته اسان به تنهنجي پاڪائي بيان ڪئي، انهن تنهنجي وڏائي بيان ڪئي اسان به تنهنجي وڏائي بيان ڪئي، انهن تنهنجي

حمد بيان ڪئي تہ اسان بہ تنهنجي حمد بيان ڪئي. تہ اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! گواهہ ٿي وڃو تہ مون انهن کي بخش ڪري ڇڏيو، اهي عرض ڪندا آهن: انهن ۾ فلاڻ ٻانهو وڏو بدڪار آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: اهي اهڙي قوم آهن جن جو همنشين بہ بدبخت ناهي رهندو. (مجمع البحرين ج 4 ص 192 حديث: 4520)

## ﴿1﴾ آغاز تلاوت سان ٿيندو آهي

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو آغاز بعد نماز مغرب سوره ملڪ جي تلاوت سان ٿيندو آهي، انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان اسان کي ان سورت پڙهڻ جو ثواب بہ حاصل ٿيندو.

## سورهٔ مُلڪ جي تلاوت جي فضيلت

حضرت سيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالَم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآن پاڪ ۾ هڪ سورت آهي جيڪا پنهنجي قاري (پڙهڻ واري) جي باري ۾ جهڳڙو ڪندي ايتري قدر جو اها جنّت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي ۽ اها سورهٔ مُلڪ آهي. (المعجم الاوسط ج 2 ص 401 حديث: 3654)

## تلاوت پڙهڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جتي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ جا فضائل مروي آهن اتي قرآن ڪريم جي تلاوت پڙهڻ جي باري ۾ بہ ڪيتريون ئي روايتون آهن. مروي آهي تہ جنهن قرآن ڪريم جي تلاوت ٻڌي تہ ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي ۾ هڪ نيڪي لکي ويندي. (جمع الجوامع ج 7 ص 245 حديث: 22760) ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضهٔ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! ڪتاب

الله جي هڪ آيت ٻڌڻ جبل (صبِيِّر) جي برابر صدقي ڪرڻ جي اجر کان زياده عظيم آهي. (جمع الجوامع ج 8 ص 82 حديث: 24615) ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ ڪن لڳائي قرآن ٻڌڻ واري کان دنيا جي تڪليف دور ڪئي ويندي آهي ۽ پڙهڻ واري کان آخرت جي مصيبت. قرآن پاڪ جي هڪ آيت ٻڌڻ واري جي لاءِ اها سون جي جبل کان بهتر آهي ۽ قرآن جي هڪ آيت تلاوت ڪرڻ واري جي لاءِ هي پڙهڻ آسمان جي هيٺان موجود سيني شين کان بهتر آهي.

(ڪنزالعمّال ج 1 ص 265 حديث: 2359)

## ﴿2﴾ نعت شريف پڙهي ويندي آهي

خدا کا ذکر کرے ذکر مصطفٰی نہ کرے

ہمارے منہ میں ہو ایسی زباں خدا نہ کرے

تلاوت قرآن مجيد کان پوءِ نعت شريف پڙهي ويندي آهي.

نعت شريف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي بہ کهڙي ڳالھ ڪجي!

اُمُّ المُؤمنين حضرت سيِّدُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي نعت شريف پڙهڻ جي لاءِ حَسّان بن ثابِت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي لاءِ مسجد شريف ۾ منبر رکرائيندا هئا.

(مشڪوٰة المصابيح ج 2 ص 188 حديث: 4805)

انسانیت کو فخر ہے تیری ذات سے

بے نور تھا خرد کا ستارہ تیرے بغیر

## ﴿3﴾ بيان ٿيندو آهي

اجتماع ۾ سنتن ڀريو بيان ٿيندو آهي جنهن ۾ علم دين بيان ڪيو ويندو آهي. علم دين جي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي اشاعت

جي فضيلت جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي!

## طالب علم جا گناھ معاف

امير المؤمنين مولٰي مشڪل ڪشا، شير خدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آھي تہ نبي رحمت، شفيع امت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو ٻانھو علم جي جستجو ۾ جُتي، موزا يا ڪپڙا پائيندو آھي تہ پنھنجي گھر جي چائنٽ کان نڪرندي ئي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جا گناھ معاف فرمائي ڇڏيندو آھي.“ (المعجم الاوسط ج 4 ص 204 حديث: 5722)

## افضل عمل

ٻنھي جھانن جي تاجوَر، سلطان بحرو بر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مسجد ۾ ٻن مجلسن وٽان گذر ٿيو تہ ارشاد فرمايائون: ”اھي ٻئي ڀلائي تي آھن پر ھڪ مجلس ٻي مجلس کان بھتر آھي، اھي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کان دعا ڪري رھيا آھن ۽ ان ڏانھن راغب آھن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ چاھي انھن کي ڏئي، چاھي انھن کي نہ ڏئي، جڏھن تہ اھي ماڻھو ديني مسئلا ۽ علم سکي رھيا آھن ۽ اڻڄاڻيندڙن کي سيکاري رھيا آھن، اھي افضل آھن. مان معلم ئي ٻڻائي موڪليو ويو آھيان.“ پوءِ اوھان انھن ۾ تشريف فرما ٿيا. (سنن الدارمي ج 1 ص 111 حديث: 349)

## جنّت جا باغ

حضرت سيِّدُنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آھي تہ ٻنھي جھانن جا مالڪ و مختار باذن پروردگار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏھن توھان جنّت جي باغن منجھان گذرو تہ ميوا چونڊيندا ڪريو.“ ان تي ڪنھن عرض ڪيو: جنّت جا باغ ڪھڙا آھن؟ تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

”علم جون مجلسون“ (المعجم الكبير ج 11 ص 78 حديث: 11158)

## گذريل گناهن جو ڪفارو

سرڪارِ مديند، راحت قلب و سيند صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: ”جيڪو شخص علم طلب ڪري ٿو ته اهو ان جي گذريل گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو.“ (ترمذي ج 4 ص 295 حديث 2657)

## علم جي روشني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن روايتن مان علم دين جي حصول لاءِ سنتن ڀريي اجتماعن ۾ حاضري جي اهميّت و فضيلت جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. پر افسوس! اڄ مسلمان علم دين کان پري ٿي چڪو آهي، شايد انهيءَ ڪري اهو راهِ هدايت کان ڀٽڪجي گناهن جي دٻڻ ۾ ڦاسي چڪو آهي. جهڙي طرح انڌيري ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ چراغ جي روشني ضروري آهي اهڙي طرح زندگي جي انهيءَ سفر ۾ ڪاميابي جي لاءِ عقل کي علم جي چراغ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪڏهن علم جي روشني نه هوندي ته عقل جو بي لغام گهوڙو نوڪرون ڪائي جَهالت واري انڌيري ۾ ڀٽڪندو رهجي ويندو. اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي آسپاس ٿيندڙ برائين جي سبب جو جائزو وٺون ته اسان کي ان جو هڪ وڏو سبب جَهالت به نظر ايندو جو ماڻهو لاعلمي جي ڪري ان برائين ۾ گناهن ۾ مبتلا آهن ۽ هي ڳالهه واضح آهي ته جيڪو جهالت جي نشي ۾ بدمست هجي انهيءَ کي ڪهڙي خبر ته برائي ڇا آهي ۽ ڀلائي ڇا آهي؟ ته پوءِ ڪيئن برائي ڇڏي نيڪي اختيار ڪندو.

حضرت سيِّدُنا معاذ بن جبل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان

آهي: بيشڪ اوهان پنهنجي ربّ جي طرفان دليل (يعني هدايت) تي آهيو جيستائين توهان ۾ ٻہ نشا ظاهر نہ ٿين، هڪ جهالت جو نشو ۽ ٻيو دنياوي زندگي سان محبت جو نشو، پوءِ توهان (هاڻي تہ): نيڪي جو حڪم ڏيو ٿا ۽ برائين کان منع ڪيو ٿا ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد ڪريو ٿا (پر) جڏهن توهان ۾ دنيا جي محبت پيدا ٿي ويندي تہ توهان نہ نيڪي جو حڪم ڏيندؤ ۽ نہ برائين کان منع ڪندؤ ۽ نہ راهِ خدا ۾ جهاد ڪندؤ. پوءِ ان وقت قرآن و سنّت جي ڳالهہ ڪرڻ وارو مهاجرين ۽ انصارن ۾ سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ وارن جيان هوندو.

(مجمع الزوائد ج 7 ص 533 حديث: 12159)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلهہ اهي ٻئي "مذموم نشا" عام ڏٺا پيا وڃن. جهالت جي نشي ۾ اڄ اسان جي غالِب اڪثريت بدمست آهي. جيڪڏهن ڪو چوي تعليم تہ ڏاڍي عام ٿي وئي آهي ۽ هر هنڌ اسڪول ۽ ڪاليج کلي چڪا آهن هاڻي جهالت ڪٿي رهي آهي؟ تہ معاف ڪجو دنياوي تعليم جهالت جو علاج ناهي. صحيح اهوئي آهي تہ اسلامي احڪام تي مبني فرض علوم حاصل ڪرڻ سان ئي ديني جهالت ختم ٿي سگهي ٿي. اڄڪلهہ مسلمانن جي وڏي اڪثريت ۾ ضروري ديني معلومات جو ڏاڍو فقدان آهي. اڄ دنيا جن ماڻهن کي تعليم يافتہ چوندي آهي انهن جي اڪثريت تہ درست مخارج سان قرآن ڪريم ئي نٿي پڙهي سگهي! اها جهالت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ لکيل پڙهيلن کان وضو ۽ غسل جو صحيح طريقو يا نماز جا ارڪان پڇو شايد ئي ڪو ٻڌائي سگهي، انهن کان جنازي جي دعا پڇو شايد نہ ٻڌائي سگهن! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ اڪثر مسلمانن جو توجهہ رڳو دنياوي تعليم

ڏانهن آهي، ان جي هر طرف مقبوليت آهي، سموري دولت و قوّت ان تي لڳائي پئي وڃي جڏهن تہ ديني تعليمي ادارا مفت پڙهائڻ، مفت ڪارائڻ ۽ قيام جون مفت سهولتون فراهم ڪرڻ باوجود ويران آهن. حقيقت ۾ اهي سڀ دنياوي زندگي جي نشي جا ڪرشما آهن.

مجھے در پہ پھر بلانا مدنی مدینے والے
مئے عشق بھی پلانا مدنی مدینے والے

## ترقي و عُروج جو عاليشان محل

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي هي سمجهندي آهي تہ مسلمانن جي ترقي و عروج جو عاليشان محل علم ۽ عمل جي بنيادن تي ئي قائم ٿي سگهي ٿو. انهيءَ حوالي سان اوهان دعوت اسلامي جو جيڪو شعبو بہ ڏسو، اوهان کي علم و عمل جون بهارون نظر ايندي‍ون، ڪيترائي ”مدارس المدينہ“ مدني منن ۽ مدني منين کي تجويد سان قرآن مجيد پڙهائڻ ۽ حِفظ ڪرائڻ جي لاءِ قائم آهن، تفهيم قرآن و حديث ۽ احڪام شرع جي اشاعت و ترويج جي لاءِ ڪيترن ئي هنڌن تي جامعة المدينہ قائم آهن، اهڙي طرح دارالمدينہ جي ذريعي عصري تعليم سان گڏوگڏ فرض علوم کي عام ڪيو پيو وڃي، فرض علوم ڪورس، مدني تربيّتي ڪورس، مدني قافلي ۽ گهر گهر علم دين جون بهارون ڦهلائڻ وارو مدني چينل. اهي سڀ دعوت اسلامي جي ان سوچ جا عڪّاس آهن جو اسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ڳالهين جي ذريعي نہ بلڪ قرآن و سنّت جي تعليمات تي عمل ڪري ئي حاصل ڪري سگهون ٿا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي دؤر ۾ هر پاسي ڦهليل جهالت

جي انڊين کي دور ڪرڻ جي لاءِ انتهائي ضروري آهي ته اسان پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهه وقت ڪڍؤن ۽ علم جي شمع ڪٽي چئني پاسي ڦهلجي وڃون. اهڙي طرح اجتماع جي اختتام تي سفر ڪرڻ وارن سنتن جي تربيّت جي مدني قافلن ۾ ضرور سفر ڪريو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "نيڪي جي دعوت" ۾ تحرير فرمائن ٿا: عاشقانِ رسول جو 30 ڏينهن جو هڪ مدني قافلو راهِ خدا ۾ سفر تي هو. انهيءَ دؤران هڪ هنڌ سنتون سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقي ۾ جڏهن غسل جا فرض سيکاريا ويا ته هڪ بُزرگ روئيندي چوڻ لڳا ته "منهنجي عمر 70 سال ٿي چڪي آهي پر مون کي غسل جي فرضن جي به خبر نه هئي، اڄ مدني قافلي جي برڪت سان مون غسل جا فرض سکي ورتا آهن. افسوس! مون کي ته ايتري به خبر نه هئي جو غسل ۾ فرض به هوندا آهن!"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غسل جي فرضن کان لاعلمي جو اعتراف ڪرڻ واري 70 سالہ اسلامي ڀاءُ جي واقعي مان مدني قافلن جي ضرورت ۽ اهميّت جو اوهان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا. ڪنهن مسلمان کي بيمار يا بک اُڃ ۾ مبتلا يا بيروزگار ۽ قرضدار يا مصيبتن ۾ مبتلا، يا دنياوي مشڪلاتن ۾ گهيريل ڏسي اسان کي قياس ايندو آهي ۽ اچڻ به گهرجي پر گناهن جي گهٽائي جي سبب آخرت برباد ڪرڻ وارن ۽ پنهنجي پاڻ کي قبر و جهنم جي عذاب جو حقدار بڻائڻ واري مسلمان تي بلڪل قياس نٿو اچي اها ڳالهه افسوس جوڳي آهي جڻ ته دنياوي مصيبتن جي بدلي ۾ آخرت جي مصيبتن کي معمولي سمجهيو ويو آهي! حالانڪ جسماني مريض

جي پيٽ ۾ روحاني يعني گناهن جو مريض زياده توجهه جو مستحق آهي جو مسلمان کي دنيا جون تڪليفون آخرت جو سک ڏياري سگهن ٿيون پر گنهگار کي ان جا گناهه دوزخ جي غار ۾ پهچائي سگهن ٿا. تنهنڪري ان ڳالهه جي شدّت سان ضرورت آهي ته ديني علم جي روشني ڦهلائي وڃي ته معلومات عام ٿيندي تڏهن ئي ته ٻانهو گناهن کان بچندو، جيڪڏهن گناهه و ثواب جي واقفيّت ئي نه هوندي ته اهي سنتن ڀري زندگي ڪيئن گذاري سگهندو! صدڪروڙ افسوس! اڄڪلهه نادان مسلمان نفس و شيطان جي چڪر ۾ اچي هن فاني جهان تي ته دل و جان سان فدا آهي پر فرائض جو به علم ناهي. حالانڪ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (ابن ماجه ج 1 ص 146 حديث 224) انهيءَ حديث پاڪ مان اسڪول ڪاليج جي مروجه تعليم ناهي بلڪ ضروري ديني علم مراد آهي. تنهن ڪري سڀ کان پهريان اسلامي عقائد سکڻ فرض آهن، ان کان پوءِ نماز جا فرائض و شرائط و مُفسِدات (يعني نماز ڪهڙي طرح درست ٿيندي آهي ۽ ڪهڙي طرح ٽٽي سگهي ٿي) پوءِ رمضان المبارڪ جي آمد ٿئي ته جنهن تي روزا فرض هجن ان جي لاءِ روزن جا ضروري مسئلا، اهڙي طرح جنهن تي زڪوٰة فرض هجي ان تي زڪوٰة جا ضروري مسئلا اهڙي طرح حج فرض ٿيڻ جي صورت ۾ حج جا، نڪاح ڪرڻ چاهي ته ان جا، تاجر کي تجارت جا، خريدار کي خريد ڪرڻ جا، نوڪري ڪرڻ واري ۽ نوڪر رکڻ واري کي اِجاري جا وعليٰ هٰذا القياس (يعني انهيءَ تي قياس ڪندي) هر مسلمان عاقل و بالغ مرد و عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرض

عين آهن. اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال و حرام جا مسئلا سکڻ فرض آهن. پڻ مسائلِ قلب (باطني مسئلا) يعني فرائض قَلْبِيہ (باطني فرائض) مثال طور عاجزي و اخلاص ۽ توکّل وغيره وغيره ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ باطني گناهہ مثال طور تکبُّر، رياڪاري، حسد، بدگماني، بغض و ڪينو، شَماتت (يعني ڪنهن جي مصيبت تي خوش ٿيڻ) وغيره ۽ انهن جو علاج سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ ج 23 صفحو 624 ملاحظہ فرمايو) مُهلِڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ وارين شين جيئن وعده خلافي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بهتان، بدنگاهي، ڌوڪو، ايذاء مسلم وغيره وغيره تمام ننڍن وڏن گناهن جي باري ۾ ضروري احڪام سکڻ بہ فرض آهن تہ جيئن انهن کان بچيو وڃي.

ڊرائيور ۽ مسافر، مڙس، گهرواريءَ، والدين و اولاد، ياءُ پيڻ، پاڙيسري ۽ رشتيدار، قرض خواهہ و قرضدار، سپروائيزر ۽ ٺيڪيدار، مزدور ۽ رازو، هاري زميندار، ڪرائي تي ونڻ وارو ۽ ڏيڻ وارو، حاڪم و محڪوم، استاد و شاگرد، ڊاڪٽر و حڪيم، مقيم و مسافر، ڪاسائي ۽ مڇي مارڻ وارو، چندو ڪرڻ وارو ۽ چندو ڏيڻ وارو، مسجد يا مدرسہ يا قبرستان يا سماجي اداري وغيره جا متولي، جانور وڪڻڻ وارو ۽ پالڻ وارو، ڌنار ڌوٻي درزي واڍو لوهار ڪاريگر، آخر ۾ بيان ڪيل پنجن ڪان ڌنارڻ، سبرائڻ ۽ نهرائڻ وارن وغيره وغيره هر هڪ جي لاءِ ان جي موجوده حالت جي مطابق ضروري مسائل ڄاڻڻ فرضِ عين آهي. شيطان جي ان وسوسي تي هرگز توجهہ نہ ڏيو جو سکنداسين تہ عمل ڪرڻو پئجي ويندو بلڪ ان شرعي حڪم کي ذهن ۾ رکي ڇڏيو تہ حسبِ حال فرض علوم نہ

ڄاڻڻ گناھ ۽ نہ ڄاڻڻ جي سبب گناھ ڪرڻ گناھ جي مٿان گناھ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان علم دين حاصل ڪرڻ جو ھڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي ھفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت بہ آھي، اجتماع ۾ شرڪت کي پنھنجو معمول بڻائي ڇڏيو انشآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان علمِ دين جا موتي ملندا، جَھالت جا انڌيرو ختم ٿي ويندو ۽ زندگي علم و عمل جي ڪرڻن سان روشن ٿي ويندي.

ھفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ سنتن جي تربيّت جي لاءِ حلقن جو بہ سلسلو ٿيندو آھي جنھن ۾ سنتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آھن، سنتن سکڻ سيکارڻ جي بہ کھڙي ڳالھ ڪجي.

## سنتن سيکارڻ جي فضيلت

بنھي جھانن جي مالڪ و مختار باذن پروردگار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارگاھِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ”اي اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ)! اسان جي خلفاء تي رحم فرما.“ عرض ڪيو ويو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوھان جا خلفاء ڪير آھن؟ فرمايائون: ”جيڪي مون کان پوءِ ايندا ۽ منھنجون حديثون ۽ سنتون بيان ڪندا ۽ ماڻھن کي سيکاريندا.“ (المعجم الاوسط ج 4 ص 239 حديث: 5846)

## ھڪ سؤ شھيدن جو ثواب

حضرت سيِّدُنا ابوھريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص منھنجي اُمت ۾ فساد ڦھلجڻ جي وقت منھنجي سنّت تي عمل ڪندو ان کي سؤ شھيدن جو ثواب ملندو.“ (مشڪوٰۃ المصابيح ج 1 ص 55 حديث: 176)

## ﴿4﴾ سلسلہ ٔ ذِکر

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو هڪ خصوصي سلسلو ”ذِکر“ ﺑﻪ آهي ۽ ڪير اهڙو شخص هوندو جيڪو ذِڪر جي فضيلت کان واقف ﻧﻪ هجي.

## الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڍڪي ڇڏيندي آهي

ٻنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪا قوم ﺑﻪ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪرڻ لاءِ ويهندي آهي ﺗﻪ ملائڪ انهن کي چوڌاري گهيري وٺندا آهن ۽ خدا جي رحمت انهن کي گهيري وٺندي آهي ۽ انهن ماٿهن تي سڪينہ (يعني دل جو اطمينان) نازل ٿيندو آهي ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي مقربين ۾ انهن جو تذڪرو ڪندو آهي.“ (مسلم ص 1448 حديث 2700)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ سموري دنيا ۾ هڪ عالمگير بي چيني محسوس ڪئي پئي وڃي ڪو ملڪ، شهر ۽ ڳوٺ ٻلڪ ڪو گهر اهڙو ناهي جتي بدامني ۽ بي چيني ﻧﻪ هجي. اڄ هر شخص بي چيني ۾ مبتلا پيو نظر اچي. آه! نادان انسان شراب و رُباب جي محفلن، سينما گهرن جي گيلرين، ٿيٽرن ۽ فحاشي و عرياني وارن نائٽ ڪلبن ۽ جنسي و روماني ناولن جي مطالعي ۾ سُڪون جي ڳولا ۾ سرگردان آهي، آخر سُڪون ڪٿي ملندو؟ اچو، ڏسو! قرآن پاڪ انهيءَ باري ۾ اسان جي ڪهڙي رهنمائي فرمائي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ (پ 13 الرعد 28)

ترجموڪنزالايمان: اهي جن ايمان آندو ۽ انهن جون دليون الله جي ياد سان سڪون لهن ٿيون، ٻڌو الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

انهيءَ آيت مبارڪ تحت صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي لکن ٿا: ان جي رحمت و فضل ۽ ان جي احسان و ڪرم کي ياد ڪري بيقرار دلين کي قرار و اطمينان حاصل ٿيندو آهي. (خزائن العرفان پ 13 الرعد تحت الآيہ 28 حاشيہ نمبر 77)

## ﴿5﴾ دُعا جون برڪتون

هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ رقت انگيز دعا بہ ٿيندي آهي جنهن جي برڪت سان خبر ناهي تہ ڪيترائي خالي دامن الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان مرادن سان ڀرجي ويندا آهن ۽ خبر ناهي تہ ڪيترائي بدڪردار باڪردار بڻجي ويندا آهن، سنتن ڀريي اجتماعن ۾ رحمتون چو نہ نازل ٿينديون جڏهن تہ انهن عاشقانِ رسول ۾ خبر ناهي ڪيترائي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام هوندا آهن. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جتي چاليهہ مسلمان صالح (يعني نيڪ مسلمان) گڏ ٿيندا آهن انهن ۾ هڪ وليُّ الله ضرور هوندو آهي.

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت، پروانہ شمع رسالت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جماعت ۾ برڪت آهي ۽ دعاءِ مَجمعِ مُسلمين اقرب بقبول (يعني مسلمانن جي مجمع ۾ دعا گهرڻ قبوليّت جي وڌيڪ ويجهو آهي)

(فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 184 تيسير شرح جامع صغير ج 1 ص 312 تحت الحديث: 714)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجهہ اسلامي ڀائر اجتماع جي حاضري ۾ سُستي جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ چوندا آهن: اسان مدني چينل تي اجتماع ڏسي وٺنداسين اهڙن اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ جيتوڻيڪ اوهان مدني چينل تي اجتماع ڏسي وٺندا پر جيڪا برڪت ۽ فضيلت مسلمانن جي اجتماع ۽ قُرب جي آهي اها ڪٿان

حاصل ٿيندي؟؟؟ تہ مهرباني ڪري سُستي ڇڏي ڏيو ۽ اجتماع ۾ حاضري جي برڪت حاصل ڪيو ۽ اجتماع ۾ ٿيڻ واري رقّت انگيز دعا جي هڪ خاصيت هي بہ آهي تہ ان جي برڪت سان بيشمار پٿر دل انسان بہ پگهرجي ۽ خوفِ خدا جي دولت سان مال مالا ٿي راهِ هدايت تي هلي پوندا آهن.

## پٿر دل بہ روئي پيو

بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. ايرنڊڙ جواني ۽ سٺي صحت مون کي مغرور ڪري ڇڏيو، نوان نوان فينسي وڳا سبرائڻ، ڪاليج ايندي ويندي بس جي ٽڪيٽ نہ ڏيڻ، ڪنڊيڪٽر جي گهرڻ تي بدتميزي ڪرڻ، گهٽي دير تائين گلين ۾ آواره گهمي ڦري وقت وڃائڻ، جوا ۾ پيسا وڃائڻ وغيره مطلب تہ هر طرح جو گناهہ منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو هو. والدين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پوندا هئا، منهنجي اصلاح جي لاءِ دعائون ڪندي جيجل امڙ جون اکيون آليون ٿي وينديون هيون پر تڏهن بہ مان پنهنجي ئي حال ۾ مست هوندو هئس ۽ منهنجي ڪن تي جونءِ بہ نہ چرندي هئي.

رات ڏينهن اهڙي طرح گذري رهيا هئا، پوءِ حُسنِ اتفاق سان اسان جي علائقي جي هڪ اسلامي ڀاءُ سرسري طور تي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا ۽ مان بہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هئس پر هڪ ڀيري اجتماع واري شام اهوئي اسلامي ڀاءُ محبت ڀريي انداز ۾ يڪدم اصرار ڪندي چوڻ لڳو اڄ تہ توهان کي هلڻو ئي پوندو، مان ٽاريندو رهيس پر ان نہ مڃيو ۽ انهيءَ هڪدم رڪشو روڪاريو ۽ وڏي

منٿ سان ڪجھ اهڙي انداز ۾ ويھڻ جي لاءِ درخواست ڪئي جو هاڻي مان انڪار نہ ڪري سگھيس ۽ اسان دعوتِ اسلامي جي اولين مدني مرڪز جامع مسجد گلزار حبيب پھتاسين. جڏھن دعا جي لاءِ بتيون وسايون ويون تہ مان اهو سمجھيو تہ اجتماع ختم ٿي ويو آهي، مان اٿيس، مون کي ڪھڙي خبر تہ هاڻي ايندڙ لمحن ۾ منھنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ٿيڻ وارو آهي. پوءِ منھنجي ان مُحسن اسلامي ڀاءُ محبت ڀريي انداز ۾ سمجھائي ڪري مون کي وڃڻ کان روڪيو ۽ مان وري ويھي رهيس. انڌيري ۾ بلند آواز سان ذڪرُ الله جي ڌوم منھنجي دل کي لوڏي ڇڏيو! خدا جو قسم! مون سڄي زندگي ۾ ڪڏھن اهڙي روحانيّت نہ ڏٺي هئي نہ ٻڌي هئي. پوءِ جڏھن رقت انگيز دعا شروع ٿي تہ اجتماع ۾ حاضرين جي سڏڪن جو آواز بلند ٿيڻ لڳو ايتري قدر جو مون جھڙو پٿر دل ماڻھو بہ زارو زار روئڻ لڳو، مون پنھنجي گناهن کان توبہ ڪئي ۽ مدني ماحول جو ٿي ويس.

تمھیں لطف آ جائے گا زندگی کا
قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول
تنزل کے گہرے گڑھے میں تھے ان کی
ترقی کا باعث بنا مدنی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر
جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن اوهان کي علمِ دين جي تلاش آهي، ڏکن غمن کان ڇوٽڪاري جي خواهش آهي يا قلبي سُڪون چاهيو ٿا تہ اچو اوهان جي لاءِ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جا دروازا کليل آهن. هڪ ڀيرو اچي تہ ڏسو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد آهي تہ خالي هٿين واپس نہ ويندؤ (اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) بلڪ رحمتِ

خداوندي اهڙي ٿيندي جو زندگي جو انداز ئي بدلجي ويندو.

## جدول براءِ هفتيوار اجتماع

| | |
|---|---|
| تلاوت (سورهٔ ملڪ) | 15 منٽ |
| نعت شريف (هڪ) | 8 منٽ |
| بيان (هڪ) | 55 منٽ |
| 6 درود شريف ۽ اعلانات | 12 منٽ |
| ذڪر | 11 منٽ |
| دُعا | 12 منٽ |
| سلام | 5 منٽ |
| مجلس جي اختتام جي دعا | 2 منٽ |
| ڪُل وقت | 2 ڪلاڪ |

## اجتماع ۾ ئي رات گذاريو

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو سلسلو سڄي رات جاري رهندو آهي، تنهن ڪري گهر وڃڻ بدران اعتڪاف جي نيّت سان رات جو مسجد ۾ ئي قيام فرمايو. اها زندگي ڪجهه ڏينهن جي آهي ان مان فائدو حاصل ڪريو ۽ وڌ مان وڌ نيڪيون ڪمايو جو مرڻ کان پوءِ موقعو نه ملندو. اسان دنيا ڪمائڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيندا آهيون پر چا راهِ خدا ۾ وقت گذارڻ لاءِ اسان وٽ هڪ رات به ناهي؟ صبح جو اوهان کي ڪم ڪار تي وڃڻو آهي يا آفيس وڃڻو آهي ته اوهان کي ڪنهن منع ڪيو آهي اوهان اتي ئي سمهي پئو ۽ صبح جو اجتماع جي اختتام کان پوءِ پنهنجي ڪم تي هليا وڃو. مسجد ۾ نفلي اعتڪاف جي باري ۾

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ العزّت فرمائن ٿا: مذهبِ مفتيٰ بِہ تي (نفلي) اعتڪاف جي لاءِ روزو شرط نہ آهي ۽ اعتڪاف هڪ گهڙي جو بہ ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪان داخل ٿئي ٻاهر اچڻ تائين (جي لاءِ) اعتڪاف جي نيّت ڪري، نماز و اداءِ نماز جي انتظار سان گڏوگڏ اعتڪاف جو بہ ثواب ماڻيندو. (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 674) هڪ ٻي جڳهہ تي فرمائن ٿا: جڏهن مسجد ۾ وڃي اعتڪاف جي نيّت ڪري ڇڏي، جيستائين مسجد ۾ ئي رهندو اعتڪاف جو ثواب ماڻيندو. (ايضًا ج 8 ص 98) اعتڪاف جي نيّت ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي، نيت دل جي ارادي کي چئبو آهي، جيڪڏهن دل ۾ ئي اوهان ارادو ڪري ڇڏيو آهي تہ مان سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪريان ٿو تہ اهوئي ڪافي آهي.

## ﴿6﴾ تهجُّد جو اهتمام

انشآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ اجتماع گاهہ ۾ آرام ڪرڻ جي برڪت سان تهجّد ۽ نفلي عبادت جي سعادت بہ حاصل ٿيندي. جنهن جي فضيلت ۾ ڪيترين ئي روايتون آهن.

## تهجد جي فضيلت جي باري ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ

❁ جيڪو شخص رات جو بيدار ٿيو ۽ پنهنجي گهرواري کي بيدار ڪيائين پوءِ ٻنهي ٻہ ٻہ رڪعتون پڙهيون تہ ڪثرت سان ياد ڪرڻ وارن ۾ لکيا ويندا. (المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 624 حديث: 1230)

❁ بيشڪ رات ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جنهن ۾ مسلمان ٻانهو جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ سان دنيا ۽ آخرت جي ڪا ڀلائي گهرندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اها ڀلائي ضرور عطا فرمائيندو آهي ۽ اها گهڙي هر رات ۾ هوندي آهي. (مسلم ص 380 حديث: 757)

۞ بيشڪ جنّت ۾ ڪجھ اھڙا محل آھن جن ۾ آروپار نظر ايندو آھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اھي محل انھن ماڻھن جي لاءِ تيار ڪيا آھن جيڪي محتاجن کي کاڌو کارائيندا آھن، سلام کي عام ڪندا آھن ۽ رات جو جڏھن ماڻھو ستل ھوندا آھن تہ نماز پڙھندا آھن.

(صحيح ابن حبان ج 1 ص 363 حديث: 509)

۞ منھنجي امت جا بھترين ماڻھو حاملين قرآن ۽ رات جو جاڳي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ وارا آھن. (الترغيب و الترھيب ج 1 ص 243 حديث 27)

## سڄي رات عبادت جو ثواب

پوءِ فجر نماز باجماعت ادا ڪريو ۽ (اَلْحَمْدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي برڪت سان مغرب نماز کان پوءِ اجتماع گاھ ۾ حاضر ٿيڻ جي صورت ۾ جيئن تہ عشاء جي نماز بہ باجماعت پڙھڻ جي سعادت حاصل ٿي چڪي ھوندي تنھن ڪري) اھڙي طرح فجر ۽ عشاء جي نماز باجماعت پڙھڻ نصيب ٿيندي ۽ جيڪو فجر ۽ عشاء جي نماز باجماعت پڙھندو آھي ان کي سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملندو آھي. مديني جي سلطان، سروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آھي: ”جنھن عشاء جي نماز باجماعت پڙھي ان ڄڻ تہ اڌ رات قيام ڪيو ۽ جنھن فجر نماز باجماعت پڙھي ان ڄڻ تہ سڄي رات قيام ڪيو.“ (مسلم ص 329 حديث 656) اھڙي طرح اَلْحَمْدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي برڪت سان سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملندو.

## اَورادِ عطّاريہ

رات اجتماع گاھ ۾ قيام جي صورت ۾ اسان اھي وردَ بہ آساني سان پڙھي سگھون ٿا جيڪي شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خاص طور تي جمعہ جي رات پڙھڻ لاءِ بروز جمعرات بتاريخ

26 جمادي الاوليٰ 1433ھ بمطابق 20 اپريل 2012ع تي صبح جو عطا فرمايا آهن.

## (1) اَلْحَمْدُلِلّٰه (100 ڀيرا)

حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينہ آهي: جيڪو شخص 100 ڀيرا اَلْحَمْدُلِلّٰه چوي ان جي لاءِ راهِ خدا ۾ تيار ڪيل 100 گهوڙن جو اجر آهي. (شعب الايمان ج 4 ص 97 حديث 4396)

## (2) لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ (100 ڀيرا)

## مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (3 ڀيرا)

سيني نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجوَر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن چيو: لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (ترمذي ج 4 ص 290 حديث: 2647)

عُمدةُ القاري شرح صحيح البخاري ۾ آهي تہ ان مان پورو ڪلمو شريف لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مراد آهي. (عمدة القاري ج 3 ص 6)

## (3) اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ (100 ڀيرا)

هڪ روايت جي مطابق تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو 70 ڀيرا ۽ ٻي روايت جي مطابق 100 ڀيرا روزانو اِسْتِغْفار ڪندا هئا. (ترمذي ج 5 ص 174 حديث: 3270)

حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان اِسْتِغفار ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (ترمذي ج 5 ص 288 حديث: 3481)

(انهن ٽنهي اوراد ۾ اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻو آهي)

(4) صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد (313 پيرا)
آخرِ وَعَلٰي آلِهٖ وَسَلَّم (هڪ پيرو)

جيڪو اهو درود پاڪ پڙهندو آهي ان تي رحمت جا 70 دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع ص 277)

## ﴿7﴾ اختتام اِجتماع

هفتيوار سنتن پريي اجتماع جو اختتام اِشراق و چاشت جي نماز کان پوءِ صلوٰة و سلام تي ٿيندو آهي. اهڙي طرح حاضرين کي اجتماع جي برڪت سان اِشراق و چاشت جا نفل پڙهڻ جي بہ سعادت حاصل ٿيندي آهي، جن جي فضيلت جي باري ۾ مروي آهي.

## نماز اِشراق

حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ عالم، نور مجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مُعَظَّم آهي: ”جيڪو فجر جي نماز کان وٺي ويهي خدا جو ذِڪر ڪندو رهي ايستائين جو سج بلند ٿي وڃي پوءِ بہ رڪعتون پڙهي تہ ان کي پوري حج ۽ عمري جو ثواب ملندو.“ (ترمذي ج 2 ص 100 حديث: 586)

## نماز چاشت

حضرت سيِّدُنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي: انسان جي لاءِ ان جي هر سَنڌ جي بدلي صدقو آهي (۽ ڪل ٽي سؤ سٺ سَنڌ آهن) هر تسبيح صدقو آهي ۽ هر حمد صدقو آهي ۽ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ چوڻ صدقو آهي ۽ اَللّٰهُ اَڪْبَر چوڻ صدقو آهي ۽ چڱي ڳالهہ جو حڪم ڪرڻ صدقو آهي ۽ بري ڳالهہ کان منع

ڪرڻ صدقو آهي ۽ ان سيني جي بدران ٻہ رڪعتون چاشت جون ڪفايت ڪنديون آهن. (مسلم ص 363 حديث: 720)

## نيڪين جو مدني گلدستو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو تہ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ صرف هڪ نيڪي ناهي بلڪ ڪيترين ئي نيڪين جو هڪ نهايت ئي حسين گلدستو آهي ۽ وري اهي نيڪيون بہ عام ڏينهن نہ بلڪ جمعي واري ڏينهن. جي ها! مغرب کان پوءِ اسلامي لحاظ کان نئون ڏينهن شروع ٿي ويندو آهي ۽ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جو سنتن ڀريو اجتماع بہ جمعرات تي بعد نماز مغرب شروع ٿي ويندو آهي يعني جمعي جي رات ٿيندو آهي ۽ جمعي جي هڪ نيڪي ستر نيڪين جي برابر هوندي آهي. مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان ارشاد فرمائن ٿا تہ جمعي جي هڪ نيڪي ستر ڀيرا وڌيڪ آهي. (مراٰة المناجيح ج 2 ص 325 ملخصًا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي فضيلت جي هڪ معمولي جهلڪ اوهان جي آڏو پيش ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن غور فرمايو تہ ان کان علاوه بہ بيشمار فضائل و برڪات ان اجتماع جي ذريعي اسان کي حاصل ٿيندا آهي تنهن ڪري اڄ ئي پنهنجي صحت ۽ زندگي کي غنيمت سمجهندي، آخرت جي تياري جي لاءِ هر هفتي سنتن ڀريي اجتماع ۾ پنهنجي شرڪت يقيني بڻايو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ وقت جي پابندي سان گڏ شرڪت ۽

اجتماع گاھ ۾ سڄي رات گذارڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود پاڪ جي فضيلت | 1 | جنّت جا باغ | 21 |
| اجتماع جي برڪت | 1 | گذريل گناهن جو ڪفارو | 22 |
| توبہ جي فضيلت | 4 | علم جي روشني | 22 |
| گناهن جي بخشش | 4 | ترقي و عُروج جو عاليشان محل | 24 |
| هر مسلمان مُبَلِّغ آهي | 5 | سنتن سيکارڻ جي فضيلت | 28 |
| حضرت عبدالله بن مسعود جو وعظ | 6 | هڪ سؤ شهيدن جو ثواب | 28 |
| هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع | 7 | ﴿4﴾ سلسلۂ ذِڪر | 29 |
| هدايت جي سبب بڻجڻ جو انعام | 7 | الله جي رحمت ڍڪي ڇڏيندي آهي | 29 |
| نيڪي جي دعوت جو انعام | 8 | ﴿5﴾ دُعا جون برڪتون | 30 |
| گناهن جي دنيا کان واپسي | 10 | پٿر دل بہ روئي پيو | 31 |
| مَدَني بهار مان ملڻ وارا مدني گل | 16 | جدول براءِ هفتيوار اجتماع | 33 |
| هفتيوار اجتماع ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ | 17 | اجتماع ۾ ٿي رات گذاريو | 33 |
| پاڪيزہ ڳالهيون چونڊڻ وارا | 17 | ﴿6﴾ تهجّد جو اهتمام | 34 |
| گڏ ويهڻ وارو بہ محروم ناهي رهندو | 17 | تهجد جي باري ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ | 34 |
| ﴿1﴾ آغاز تلاوت سان ٿيندو آهي | 19 | سڄي رات عبادت جو ثواب | 35 |
| سورهءِ مُلڪ جي تلاوت جي فضيلت | 19 | اَورادِ عطّاريہ | 35 |
| تلاوت پڙهڻ جي فضيلت | 19 | ﴿7﴾ اختتامِ اجتماع | 37 |
| ﴿2﴾ نعت شريف پڙهي ويندي آهي | 20 | نمازِ اشراق | 37 |
| ﴿3﴾ بيان ٿيندو آهي | 20 | نماز چاشت | 37 |
| طالب علم جا گناھ معاف | 21 | نيڪين جو مدني گلدستو | 38 |
| افضل عمل | 21 | ماخذ و مراجع | 39 |


## ماخذ و مراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | كنزالعمال | دار الكتب العلمية بيروت |
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخاري | دار الكتب العلمية بيروت | الترغيب و الترهيب | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | الجامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ترمذي | دارالفكر بيروت | شرح مسلم للنووي | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | التيسير | دار الحديث مصر |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | عمدة القاري | دارالفكر بيروت |
| مشكواة المصابيح | دار الكتب العلمية بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليڪشنز لاهور |
| المعجم الكبير للطبراني | دارالفكر بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| المعجم الاوسط للطبراني | دارالفكر بيروت | مجمع البحرين | دار الكتب العلمية بيروت |
| مجمع الزوائد | دارالفكر بيروت | كتاب التوابين | دار الكتب العلمية بيروت |
| السنن الكبريٰ للبيهقي | دار الكتب العلمية بيروت | القول البديع | موسسة الريان بيروت |
| سنن دارمي | باب المدينه | نيڪي جي دعوت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |

